Bat

آرٽ جا آلاپ

- لعل بتيجا 'آرٽ'

(2) B-7(167

اَلَڙَ جا آلاپَ

000001

لعلچند ٻتيجا پبليڪيشن

فلئٽ نمبر-۱۴، آنند ٽاور،

پرڀات گارڊن جي ڀرسان،

اُلهاسنگر-۴. فون : ۲۵۲۶۵۳۵

With Best Compliments From :

KAMANI®
Healthy Oils

Helping you serve your customers better.

"Use the best."

"Refind Edible Oils & Vanaspati"

- Totally hygienic processing and packing facilities
- Low FFA for higher smoke point
- Zero odour to help your product taste better

The vital reasons why leading five-star hotels, flight kitchens, Bakeries, confectionery and pharmaceutical companies are our repeated customers.

KOMAL Refined Sunflower Oil	**COCOSILVER** Refined Coconut Oil	**KARUNA** Vanaspati
JAWAN Refined groundnut Oil	**KORNSTAR** Refined Corn Oil	**RACHNA** Bakery Shortening

FOR YOUR REQUIREMENTS
CONTACT **3435968**

KAMANI OIL INDUSTRIES

317-Pooran Asha Bldg., Narsi Natha Street, Mumbai 400009.
Fax : 022 - 2343 5964. E-mail : kamani@bom2.vsnl.net.in

Branch Office :

M/s. Kamani Oil Indsutries

47-B, Sindhu Nagar, Nahari-Ka-Naka, Jaipur-302016. Tel.: 340861.
Shop No. 6, Chopra Market, Gali Samosan, Faras Khana, Delhi-110006. Tel.: 2518079
C-1, Navlakha Complex, Loha Mandir Road, Indore-452001. Tel.: 760060
42 - Ganj Bazar, Old Madhavpura Market, Ahmedabad-380004. Tel.: 2120549
Shop No. 13, Anantshanti Chambers, 78, Nanapeth, Poona-411002. Tel.: 640322

Plant :

Chandivali Estate, Saki Vihar Road, Sakinaka, Bombay-400072.
Tel.: 8522713, 8522716

03(L.Bat X

رچنا وار طرفان .....

مان بخوبي هڪ رچنا ۾ عرض ڪري چڪو آهيان مان ڪو Trained ڪوي ڪونہ آهيان. هڪ جهانديدھ آهيان. اڄ جي محول ۾ زندگيءَ جي بدليل ريتين ۾ رسمن ۾ وهنوار جاتي غور ضرور ڪندو آهيان ۽ پوءِ پنهنجي جذبات جو اسرار سدو سنڌي بوليءَ ۾ پيش ڪندو آهيان. مونکي ان حوالي ۾ نظر سان پڙهيو ۽ ڏنو وڃي.

بس پيو مان وڌيڪ نتو چاهيان.

لعل بنيجا ''آلڙ''

Alhar Ja Aalap

(Collection of Poems)

Writer	:	**Lalchand D. Bathija**
Copy Rights	:	With Publisher
Publisher	:	**Lalchand Bathija Publication** Flat No. 14, Anand Tower, Near Prabhat Garden, Ulhasnagar-4 Tel.: 252 65 35
Year of Publication	:	January 2003
Price	:	Rs. 60/-
Printed	:	Sudha Offset Printers & Graphics 1st Floor, Prince Market Ulhasnagar-3. Tel. : 256 04 65

اَلڙَ جا آلاپَ

(ڪويتائن جو سنگرهه)

ليکڪ	:	لعلچند ڊي. ٻٺيجا
ڪاپي رائيٽ	:	پبلشر وٽ
پبلشر	:	لعلچند ٻٺيجا پبليڪيشن فليٽ نمبر-١۴، آنند ٽاور، پربات گارڊن جي ڀرسان، اُلهاسنگر-۴ فون : ٢۵٢ ٦۵ ٣۵
سال	:	جنوري ٢٠٠٣
قيمت	:	٦٠ روپيا
ڇپيندڙ	:	سڌا آفسيٽ پرنٽرس ۽ گرافڪس پهرين ماڙ، پرنس مارڪيٽ اُلهاسنگر-٣. فون : ٢۵٦ ٠۴ ٦۵

اسانجا سڄڻ ۽ گهڻگهرا

Amarlal P. Kukreja

L. K. Makhija



Shivaji Khashtriya

Deepak Udasi (Bawa)



Srichand M. Punjabi

Dinesh Rohra



Vashdev Pardasani

Manoj Tanya



Sunil Chandnani

اسانجا سڄڻ ۽ گهڻگهرا

M. Kamal

Dr. Sanjeev Balani



Bachharam Rupchandani

R. S. Vardani

Haresh Israni

Dr. L. B. Nathani

Kamal Nagdev

Srichand Kotwani

Tejwani

فهرست

نمبر	ڪويتا جو نالو	صفحو	نمبر	ڪويتا جو نالو	صفحو
۱	مالڪ جي مهما	۱	۱۹	خطا جي سزا	۲۰
۲	آلڙ جا آلاپ	۲	۲۰	دنيا ڪيتري وڏي	۲۱
۳	پٽي ڪيڏون وڃ بزار	۳	۲۱	سنڌ جي ياد ستائي	۲۲
۴	مان پينشنبردار	۴	۲۲	ڪلفت ۽ الفت	۲۳
۵	پيداپو ۽ راحت	۵	۲۳	اڄ جو اديب	۲۴
۶	نفرت ۽ نئڙت	۶	۲۴	دکہ جو انداز	۲۵
۷	منورتي متيل آ	۷	۲۵	مان آهيان نہ شاعر	۲۶
۸	اندر جي آهه	۸	۲۶	قرباني	۲۷
۹	خواب ۾ حقيقت	۹	۲۷	مشڪ	۲۸
۱۰	دکہ ۽ سکہ	۱۱	۲۸	او اخبار وارا	۳۰
۱۱	شرافت	۱۲	۲۹	ملاقات	۳۱
۱۲	ارمان	۱۳	۳۰	واهه ڙي سماج شيوڪ واهه	۳۲
۱۳	ناٽو	۱۴	۳۱	حق	۳۴
۱۴	سچ	۱۵	۳۲	مسافر	۳۵
۱۵	سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت	۱۶	۳۳	ڪريان ڪيئن معشوق سان ملاقات	۳۶
۱۶	انتظار	۱۷	۳۴	وقت	۳۷
۱۷	ڪرمن ۾ ڪاٺ	۱۸	۳۵	اڪليو	۳۸
۱۸	جدائي	۱۹			

اسانجا سڄڻ ۽ گهٽگهرا



Shammi Bathija



Motiram Hiranandani

Dayal Mangtani



Narain Makhija



Motumal Raheja



Nihalsingh Ailsinghani

Ram Butani



Mirchumal Chablani

Kishin Galani (Deepak)

مالڪ جي مهما

(١) رک پاڻ ۾ تون ايمان - هر مشڪل آهي آسان
تو ۾ آهي جو خدا - نہ آهي توکان جدا
تون فقط نہ ٿيءُ بي ايمان .

(٢) مالڪ جوڙيو هي سنسار
- پکيڙي چڏيائين مهاچار
هرڪو قائل آهي چار ۾-پڇتائڻ لڳو ان مار ۾
جنهن ۾ چڏايو پاڻ اهو آهي مهان.

(٣) سج چنڊ تارا ٺاهيا توئي
- عجيب گرهہ بڻايا توئي
سمنڊ نديون وهايا توئي
- ڌرتي ٺاهي مذڪر مونث جي جوڙي ملائي
پريو تون ڪيترو آهين دياوان

(٤) جنم مرڻ-گهاٽو واڌو-جس اپجس رکيائين
ڏوريءَ ۾ - باقي پدارٿ ڏنائين جهوليءَ ۾
ڪرمن انوسار هرڪو دک سک پائي
- پريوءَ جي ڀڳتي پوءِ نہ تو ڀلائي
ماتا پتا کي سمجهي ڀڳوان جنهن ڏيکاريو جهان.

(٥) سنسار اپائيندڙ جي درشتي ساڳي
- نہ اٿس وير وروڌ نہ ڪنهن سان ڀيائي
مالڪ جي ڪيتري مهما ڳايان
- ڪيئن اهڙي ديالو کي ڀلايان
اهڙي سائين تان وڃان قربان جو آهي شڪتيوان

فهرست

نمبر	كويتا جو نالو	صفحو
٣٦	موت ۽ مروت	٣٩
٣٧	تمورتي	۴٠
٣٨	مطلبي معشوق، اصلي عاشق	۴٢
٣٩	اصليت	۴۴
۴٠	پرکہ	۴٥
۴١	محبت ۽ مهرباني	۴٦
۴٢	جيءَ جي جهوري	۴٧
۴٣	قدرت قادر جي	۴٨
۴۴	٥ نمبر انگ جي اهميت	۴٩
۴٥	رات رهجي	٥٠
۴٦	پوليءَ جي باس	٥١
۴٧	دل جو امنگ	٥٢
۴٨	بي وفا	٥٣
۴٩	دوستي	٥۴
٥٠	گل تہ گلاب جو	٥٥
٥١	اجايو رعب	٥٦
٥٢	مهمان	٥٧

نمبر	كويتا جو نالو	صفح
٥٣	زندگيءَ جي خوشي	٥٨
٥۴	انسان	٥٩
٥٥	هرکو آ بيني جو يار	٦٠
٥٦	چا ملندو روئڻ مان	٦١
٥٧	حسن ۽ عشق	٦٢
٥٨	كويتا - پاڳہ وريو	٦٣
٥٩	سک	٦۴
٦٠	پريم جو پيغام	٦٥
٦١	نصيب	٦٦
٦٢	پريت	٦٧
٦٣	هرکو سوچيندو آهي پنهنجو پلو	٦٨
٦۴	زلزلو	٦٩
٦٥	چرچن جي چٽڻي	٧٠
٦٦	ٽيئون توپڻ - ٽيکو - تندو توپڻ جي ملي جهلي پگهت	٧١
٦٧	كاميابيءَ جون كنكون	٧٥

پتي ڪيڏون وچ بزار

(۱) آءُ پيارا يار پتي ڪيڏون وچ بزار
يڪي سان ويھہ ياري لائي - بادشاھہ ڪان دل بدلائي
راڻي وجھندءِ روھہ رلائي - گولو تي تہ گذار-
آءُ تہ پتي ڪيڏون وچ بزار

(۲) ڏھلي ڪي رکہ ڏوريءَ ۾ - اٺي نولو جھل جھوليءَ ۾
ستي ست گذار، آءُ تہ پتي ڪيڏون وچ بزار

(۳) چڪي چونڪي آھن ساٿي - پنجيءَ ڪي ھٽي ڪڍ ڪاٺي
ٽڪيءَ ۾ پائڇ جھاتي - يڪي پيائي مار
آءُ تہ پتي ڪيڏون وچ بزار

(۴) چوي الڙ جيڪو راز پڇاڻي - من اندر سوئي جون ماڻي
چوھہ اندر مون ڪڍ تون ڇاڻي - نرمل نور نھار
آءُ تہ پتي ڪيڏون وچ بزار

ستسنگي ارٿ

(۱) يڪو - ايشور (۲) بادشاھہ - اھم (۳) راڻي - مايا (۴) گولو - غلام (۵) ڏھلو - ڏھہ ڪرم (٦) اٺي نولو - اندريون ۽ گيان (۷) ستي - ست پرش (۸) چڪي - ٦ شاستر (۹) پنجي - ۵ وڪار - ڪام ڪِروڌ - لوڀ - موھہ - اھنڪار (۱۰) ٽڪي - ٽمورتي - برھما - وشنو - مھيش (۱۱) ٻيڪي - ٻيائي (۱۲(نرمل نور - بنا ميل ۽ ٻيائي جي ايشور.

✯✵✯

اَلڙَ جا آلاپ

١) اها آهي امان، جيڪا لوڏا سهي لمان

٢) اهو آهي پيءُ جنهن کي جهڙو پٽ تهڙي ڌيءُ

٣) اهو آهي ڀاءُ جنهن ۾ سڪ ۽ ساهه

٤) اها آهي ڀيڻ جنهن ۾ وير نه ويڻ

٥) اهو آهي ڏاڏو رکي پوٽا پوٽيون آڏو

٦) اها آهي ڏاڏي جيڪا ڏڏ ولوڙي چاڏي

٧) اهو آهي پٽ جيڪو رکي هٿ ۾ پيءُ جو چٽُ

٨) اها آهي ڌيءُ جيڪا جيءُ ۾ چوي جيءُ

٩) اها آهي ناني جيڪا مڃي ڪارائي ماني

١٠) اهو آهي نانو جو ڏي خرچي آنو

١١) پاٽيءَ بنان اُڃ گهر ڏياٽي بنان سُڃ

١٢) ڦُلڪو نه تئي ۾ زال نه رئي ۾

١٣) سالو آيو ٻگوان آيو - ڀاءُ آيو طوفان آيو

١٤) سالي ڪائي ڪَٽي - ڀيڻ پئي چَٽي

١٥) شام جو نياٽي، ويڌيءَ تي وهڻ ڪان پوءِ زال

١٦) ٻار جٽي تيندي‌ءِ امڙ، اها آهي صفت امان جي.

☆✺☆

پيريءَ ۾ راحت

(۱) وڏي جواني آيو پيرپڻو نہ ملي راحت
حالت اهڙي بڻي نہ رهي مون لاءِ چاهت

(۲) جوانيءَ ۾ هو ڪم ڪرڻ جو امنگ ۽ جوش
پيريءَ ۾ نہ رهيو مگر هليو ويو هوش

(۳) پيار محبت جو هو ورتاءُ نہ زبردستي نہ زور
پيريءَ ۾ نہ رهي ڪنهن جي همدردي جو رهيو بدن ڪمزور

(۴) نڀايم ڪٽنمب ۽ دنياداريءَ سان اهو هو منهنجو فرض
پيرپڻي ۾ نہ رهيو احساس مگر اڃان بہ رهيو قرض

(۵) شريمتيءَ جو رهيو ٻارڙن ۾ موهہ ۽ ڪيائين مات
ڪوڙي - موهہ ۾ ڦاسي مرد جو بہ ڇڏيائين سات

(٦) نہ ٿي سمجهيو تہ پيرپڻي ۾ رهندي هيءَ حالت
پرائيندا تنهنجي ڪٿ مٿن آزمودن مان اهائي آهي ڪماليت

(۷) نہ ٿيءُ خفي پيرپڻو نہ آهي مصيبت
مگر جي حوصلو رکبو تہ آهي الاهي نعمت

(۸) ڇڏي موهہ ممتا زندگي گذار مالڪ جي بندگيءَ ۾ تہ ملندءِ فرحت
ڇڏي ماضيءَ کي نہ ياد ڪر مستقبل کي اهائي ملندءِ راحت

☆✵☆

مان پينشنبردار

١) پينشن کان اڳ - مئولڳم پي گهر مئو لڳم پي جڳہ

٢) شريمتيءَ جو اٿاهہ پيار - هر پل شيوا لاءِ تيار

٣) چي مان آهيان سهاڳڻ ڀاڳڻ ۽ تون پريم ناٿ -
ڏينهن رهنديس هر پل ساٿ

٤) اڏ رقم ملڻ کانپوءِ رسڻ لڳم جوءِ

٥) گهر ۾ متو روچ راڙو - کلڻ لڳم سماج کلڻ لڳو پاڙو

٦) ٽيڻ لڳم جُٽڻ - تہ هاڻ جلد ڪول مُٽڻ

٧) چا ٻڌايان حال يارو - هٽڻ لڳان ڏن تي ڏاڙو

٨) پريوار سان نڀايم سڄي زندگي سمجهي فرض
هاڻ پرٽو پيو قرض

٩) پينشن کان اڳ شريمتي چوندي هيم پريمناٿ - پوءِ ناٿ
سڀ ڪجهہ ڦرڻ کانپوءِ صرف اناٿ -
ايشور کان سواءِ نہ رهيو ڪنهن جو ساٿ

١٠) جيت مان ٿيم هار - مان آهيان هڪ پينشنبردار

☆✷☆

منورتي منٿيل آ

(١) اوري آءُ ڏي احوال يار
کهڙي ڏيان خبر چار

(٢) زمانو آ پاري
ڪوئي ڪنهن جو ڪونهي آ پاري

(٣) پيءُ آهي جهانديده - سياڻو-سيبتو ۽ سمجهيل
پر اولاد کيس بڻائي ڇڏيو آ منجهيل

(٤) ماءُ ڏني هئي سنڌيءَ ۾ پيار-اخلاق ۽ مريادا جي لولي
جا انهن وساري مغربي تعليم پرائي وساري پنهنجي بولي

(٥) ماءُ رهيتي موهه جي بکي
جنهن ۾ سڄو گهر رهي ٿو دکي

(٦) اڄ جي دؤر ۾ کپي پئسو-پيٽ-پتي-پيڪا پوءِ پٽڪو
اگر رهي کمي تہ لاهيندين ڪنهن جي پوتي ۽ پٽڪو.

(٧) لاشڪ پئسي ۽ عيش عشرت جي ترقي ٿي رهي آ،
بئي صرف ڪرم-ڌرم ۽ اخلاق جي گراوٽ ٿي رهي آ

(٨) قدرت پنهنجي نيم ٽيم تي اٽل آ،
انسان ئي پنهنجي منورتيءَ کان منٿيل آ.

✯✸✯

نفرت ۽ نئڙت

(١) نفرت ۽ نئڙت اصل ۾ نسل کان ٻئي جاڙيون ڀينر آهن،
مگر سياءُ ۽ ڪرمن ۾ هڪ ٻئي جي ورڌ آهن.

(٢) نفرت جو ڳاٽ مٿي آسمان ڏانهن نهاري،
مگر نئڙت ڦل سان ڀريل وڻ وانگر ڌرتيءَ تي ڌاري.

(٣) نفرت نٿي سوچي ڪنهن جو ڀلو پر فقط برو،
نئڙت ويچاري تي هر ڪنهن جي ڀلائي ۽ وٺي تي جيئڻ قيمتي هبرو.

(٤) نفرت جي زبان زهر سان ڀريل آهي،
نئڙت جي امبرت سان جا من ۽ وويڪ سان جڙيل آهي.

(٥) نہ وٺ نفرت جي اوٽ نہ تہ لڳندءِ چوٽ،
جي وٺين نئڙت جو پاسو تہ ملندءِ سڻن ڳڻن ۽ ڪرمن جي موٽ.

(٦) ايمان مان ٿيندءِ نفرت ۽ ڏسندين دک،
نهٺائي ۽ نمرتا سان ٿيندءِ پيدا نئڙت ۽ ماٺيندين سک.

(٧) نفرت نہ چاٺي ڪنهن جي دل جو احساس،
نئڙت ڪڍي نفرت جا اوگڻ ٻين کي
سک ۽ شانتي پهچائي جو ڪيس اٿس وشواس.

(٨) ڪڍي دل مان نفرت جو جيوڙو، پاڻ سک پاءِ ۽ ٻين کي وناءِ،
اهو تڏهن ٿيندءِ جڏهن نئڙت جو نالو وٺي، رام نام جي ڌني لڳاءِ.

(٩) پيارا نفرت اٿيئي بدي ان مان ڇا وٺيندين،
نئڙت اٿيئي نيڪي ان مان نہ فقط،
زندگي خوش گذاريندين ۽ ٻين کي جو نالو جيڏيندين.

خواب ۾ حقيقت

(١) سمهڻ مهل ورتم ڦڪي هڪ رات،
ڏنا خوابن مٿان مون خواب

(٢) تن مان هڪڙو هو خواب عجيب،
دوستو ٻڌايانوَ تو ذرا ٿيو قريب

(٣) ڏٺم هڪ دکي چپيل هوا پکي،
پکي هوا پنج تہ ڇهين هئي مکي

(٤) نالو هو مکيءَ جو لالي جڻ ماتا ڪالي
نالا هوا پکين جا مِلو-تلو سِلو ڪان ۽ شان جڻ جعلي

(٥) پکين ڪيو فيصلو هڪ ڏينهن
شڪار ڪجي مکہ جو جئين ڪندو آهي شينهن

(٦) ڏنائون تہ مکہ تي پائي هرهر ڦيرا،
ڪن ۾ ڏنائون گم تہ ڪنيائون پيرا

(٧) سمجهو پکين مکہ کي اياڻي
پر حقيقت ۾ مکہ نڪتي سياڻي

(٨) رچايو ناٽڪ مکہ هڪ ڏينهن،
ناٽڪ ۾ هئي شرڌا ۽ پريل نينهن

(٩) سجايل هئي اسٽيج وندريل هوا ڏسندڙ
شان جو حريف ڇيو ناهي وٺندڙ

اندر جي آهہ

١)	تنهنجي ڇٽيل ٽون سنڀالين ها
مگر ٻئي کي سَڱُہ ڏيئي ايترو ظلم نہ ڪرين ها

٢)	توکي خبر هئي تہ نياڻي جائي -
ان سان گڏ دولت ڇم ڇم ڪندي آئي.

٣)	ان اٿر هيٺ تو نياڻيءَ کي سياڻي سمجهي ڪيس پاليو -
ناز نخري ۽ لاڏ ڪوڏ سان سنڀاليو

٤)	ان کي سنا سنسڪار وجهين ها،
مگر ٻئي کي سڱہ ڏيئي ايترو ظلم نہ ڪرين ها

٥)	انگريزي تعليم سيکاري پنهنجي نينگريءَ کي سنڌي مادري ٻولي
وساري ڇڏي مان مريادا ڌرم ڪرم تو ڪيس مغربي ريت رسم سيکار

٦)	نہ سمجهيہ تہ ان جو کهڙو ٿيندو اٿر جو سڀ جوابداريون
۽ ڪنهن ڪم جو نہ ٿيندس فکر

٧)	پالڪيءَ جو سياڻُ ڏسي اهڙو قَدَمُ نہ کڻين ها
مگر ٻئي کي سڱہ ڏيئي ايترو ظلم نہ ڪرين ها

٨)	ماتا پتا جو ٿيندو آهي موهہ پتا رکندو آهي پرميشور تي،
ماتا جو خيال رهندو آهي لهڻا ڏيڻيءَ جو پتا جو نياڻي جي ڀاڳہ تي

٩)	زال آهي گهرجي راڻي مرد آهي ٻاهر (جهنگل) جو راجا،
گهر جي ادر پورنا لاءِ وئي ايندو ڪڏهن ساڳہ تہ ڪڏهن ڪاچ
خبر نہ پوندي تہ ڪڏهن وڄندي ٻئنڊ تہ ڪنهن جا باجا

✩✹✩

دکہ ۽ سکہ

(۱) دکہ ۽ سکہ ٻئي جاڙا ڀائر آهن،
سياءُ ۾ ٻئي هڪ ٻئي جي ورڌ آهن.

(۲) ٻئي ڀائر آهن مهان،
ڪجهہ وقت لاءِ هر جيوَ ۾ رهن ٿا مهمان.

(۳) دکہ ڪري ٿو هر پراڻيءَ کي دکي،
بخشي ٿو سکہ-شانتي ۽ رکي ٿو سکي.

(۴) دکہ پالي ٿو پنهنجو فرض
ڏي ٿو ڪنهن کي مرض تہ ڪنهن کي قرض

(۵) دکہ ۽ سکہ آهن قدرتي ميل،
اهو آهي سڀ ڪرمن جو کيل

(٦) دکہ اچي گهوڙي وانگر ۽ رفتار تکي،
سکہ جونءَ جيان اچي جيئن فيصلو ڪندو آهي ڳوٺ جو مکي

(۷) دکہ سرير کي ڊاهي،
سکہ ڏي خوشي ۽ بدن کي ٺاهي

(۸) دکہ سکہ آهي ديهہ جو ڌرم،
اي انسان ان ڳالهہ جو ڪڏهن بہ نہ ڪر ڀرم

(۹) جيئن عورت ڏي ڏکہ مرد کي تہ سڏجي ڏائڻ،
جي رهندي دکہ سکہ ۾ راضي تہ چئبي سائڻ

(۱۰) سکہ جا ڏينهن ڪٽجي ويا،
دکہ جا مينهن وسجي ويا.

(۱۱) سکہ ۾ هرڪو يار چوائي،
ڏکہ جو ڏونگر 'اَللہ' مالڪ پار ڪرائي.

☆✻☆

(١٠) ڏسي ۽ ٻڌي پکي پوسرجي ويا،
ٻيا پکي ٻه نه نانگ ۾ آيل هئا

(١١) ڪيائون نه شڪايت نه شڪوو
عام جي ساراهه لڳو مڪه کي ميوو

(١٢) هئي جو صداقت ڀلا نانگ ۾،
ڀلا ڪيئن رهندو دم شڪايت ۾

(١٣) غصي ۽ حسد ۾ پکين جو ٿيو ڪو حال
ويا پر ڪلچي ٿيو قدرت جو ڪمال

(١٤) اڏري اڏري مڪه ٻه ڏنو هي تماشو،
اٿو اهو نتيجو حسد جو يارو

(١٥) نه سمجهو هي خواب جا آهي حقيقت
تيندي دل پرسن جو جواب ۾ هوندي صداقت.

☆✺☆

ارمان

١) مالڪ اهڙو سنسار بڻايو ڪٿي - جا ڳالهه ان کي وڻي
کهڙو ڪريان مان ارمان

٢) ظالم هٿي تو مظلوم کي موچڙو - سهي تو مار ويچارو
کهڙو ڪريان مان ارمان

٣) ساڌو پبلڪ کان پئسا ڦري ڪري تو زوري -
چور پيٽ لاءِ بڻائي، رستو بڻائي چوري
کهڙو ڪريان مان ارمان

٤) شاعر پوري ڪرڻ لاءِ شعر بڻجي تو سوچي
جئين ڳنڍي ٽوپ ڪري موچي
کهڙو ڪريان مان ارمان

٥) ليڊر عام کي نصيحت ڏي رنگه سان -
ڦاسائي، بڻائي پنهنجو روزگار گذاري زندگي ۽ ڍنگه سان
کهڙو ڪريان مان ارمان

٦) راجا راڄ ڪري بڻجي ڪرم يوڳي -
نه ته راجائي وڃائي ڪيش عشرت ۾ بڻجي يوڳي
کهڙو ڪريان مان ارمان

٧) رکه وهنوار سڌو ۽ مالڪ کان ڪنمب، جئين وڻ ۾ لٽڪندو آهي
پڪل انب، خفري کان خالي نه هر دم لڳندس ڏنيپ
کهڙو ڪريان مان ارمان

٨) چا ڪٺي آياسين چا کٽي ويندا سين -
فقط نيڪي ۽ بدي چڙي ويندا سين
کهڙو ڪريان مان ارمان

☆✳☆

شرافت

١) گهٽ اشراف ڪمينو زور
ڪمينو سمجهي سدائين شريف کي ڪمزور

٢) ڪمينو ڪري هر ڳالهه ۾ اڳرائي،
شريف رکي صلح شانت ۾ ڀرائي

٣) ڪمينو آهي عادت کان مجبور،
هٺي ڏک شريف کي توڙي هجي بي قصور

٤) ڪمينو چٽنگ هٺي ڪري جدائي،
شريف پاسو ڪري ڏيکاري وفائي

٥) ڪميني جي رنگيلي ۽ ڪوڙي گفتار
نه جاڻي ڇل ول شريف صحيح ٻڌائي امانت جو حقدار

٦) وڃائي عزت ڪمينو رکي ڪوڙو شان،
حاصل ڪري سوپ شريف پائي هر هنڌ مان

٧) ڪميني جو سنگ ڪري خراب ۽ خوار،
صحبت شريف جي ڀچائي رنگ-رکي عزت برقرار

٨) ڪر ڪميني کان پاسو نه نهار ان جا ڪڏا ڪرتوت
شرافت شريف کي وهاري وڃي ۾ وڻي جيان انب ۽ توت

٩) اي مورکه ڇڏ ڪمينائپ سک شرافت
نه بچندين فٽ لعنت کان ۽ ملندءِ سچي راحت

سچ

(۱) ڪوڙ نہ ڳالهاءِ - ڳالهاءِ سچ،
جي ڳالهائيندين سچ تہ بينو نچ !

(۲) ڪوڙ جي ڊوڙ ڪُڏ تائين،
جئين مُلان جي مسجد تائين !

(۳) ڪوڙ ۾ اٿئي خرابت،
سچ ۾ اٿئي سائينءَ جي عبادت !

(۴) جيئن جوئا آهي پاپن جي پاڙ،
تيئن سچ آهي انسان جي سنوار !

(۵) ڪوڙ جي اوٽ ۾ هيئون پنهنجو حسد ۾ نہ تون جلاءِ
خاڪ ۾ جسم پنهنجو تون نہ ملاءِ !

(٦) اجايون تهمتون ٻين تي ڏري نہ پاڻ کي ڪر خراب تون،
ڪوڙ جي ڏز اجايو نہ اڏاءِ تون !

(۷) ڪوڙ ۾ اٿيئي نفرت ان ڪان منهن ڇڏ موڙ
سچ سان ياري رکي مالڪ ۽ مخلوقات سان دل جوڙ !

(۸) ڪوڙ ۽ سچ جي ڀيٽ ڪرڻ آهي آسان،
سچ ترِيءَ هيٺان لڪائڻ آهي مهان !

(۹) ڪوڙ جو سواد ڪارو جهڙي ڦڪي،
سچ جو مٺو جهڙي مصري !

(۱۰) سچ چوڻ نہ ٿو وٽي بيشڪ،
ڪوڙ جي عمارت ''الڙ'' ڍهندي لاشڪ !

☆✵☆

ناڻو

(١) ڪرو هجي يا ڪوٺو پر سڌبو ناڻو
ناڻي بنان جڳہ ويڳاڻو

(٢) ناڻي سان ٿا محل اڏجن،
بنان ناڻي شهر ٿا ڇڏجن

(٣) ناڻي سان سڌبو مالدار-ناڻي سان نہ رهندو قرضدار
ڪڏ نہ پوندس حوالدار-سلام ڪندو رهندو هر بار

(٤) ناڻي سان ماڻي موج مستي - بنان ناڻي نہ رهندي هستي
ناڻي سان ٿي وڳيان وڏي- بنا ناڻي بربادي ملي

(٥) ناڻي سان ٿي آ مان - هر مشڪلات ٿئي آسان
ناڻي سان ملندءِ ۽ سڏ ۾ سڏ بنان ناڻي نہ ڪو هلندءِ ۽ پڇندءِ هٿ ڳڏ

(٦) هرو پرو ناڻي سان نہ آهي راحت-
ناڻو ۽ ڪم سقرط جا آڻن فرحت
سچو ناڻو اٿيئي پريوءَ جو سمرڻ، پاڻ ڪر پريوء جي ارپڻ

☆✹☆

انتظار

١) ساجن توڙهي تنهنجو انتظار
توکان سواءِ رهان بيقرار

٢) ڪيئن ۽ ڪڏهن تون آئين
جي آئين تہ موٽي ڇو وئين

٣) ڪهڙي ڪئي هئي مون خطا،
جوان لاءِ ايتري سزا

٤) ڀڏاءِ دلبر ننڍ هئي قصور
يا هئس مان مغرور

٥) محبت ۾ سمايل آصلح
صلح کان وڌيڪ ڪنهن جو نہ آ ملهہ

٦) پيار هوا اسان جو اقرار
پل ڪير بہ هجي قصوروار

٧) قصور لاءِ ٿيندي آهي معافي
پلا ڇا نہ آهي اهو ڪافي

٨) ڇو ٿو ٿين ايڏو منتظر
ڪجهہ گهڙين جو صبر تہ ڪر.

☆✷☆

سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت

١) هيوسي اسان محسوس ڪيو تہ سنڌ اسان پل ڇڏيندا سين.
پر پرن ڪيو ”سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت“ مور نہ وساريندا سين.

٢) پلا هيو جو ڪيو اسان من ئي من ۾ هڪ اقرار
پلا پوءِ ٿا ڪهڙي ڪارڻ ڪريون اقرار کان انڪار

٣) همٿائي مغربي ٻوليءَ کان ليڊرن ڪيو وڏو ڌوهہ
سڌي قدرتي ڪيل هن ڌوهہ کي - پلا ڏيون ڪنهن کي ڏوهہ

٤) اڄ بہ اڻ پڙهيل سنڌي ۽ بزرگہ ٻوليءَ کي ٿا سنڀالين،
اچرج ان ڳالهہ جو آهي تہ پڙهيل ۽ نوجوان ٿا ٻولي ڏڪارين.

٥) ڏسو سنڌين جي آهي نہ عجب اها سياڻپ،
سوچن ڪونہ ٿا سواءِ سنڌيءَ جي رهندي ڪانہ سڃاڻپ.

٦) بزرگن ۽ وڏڙن کي وَرَ وَرَ ياد پوي ٿي جنم ڀومي،
اڇو تہ ٻولي سنڌي سڪي وسايون هيءَ هند ڀومي

٧) ٻولي سنڌي ئي قوم سنڌيءَ کي زندهہ هميشهہ رکندي،
ٻوليءَ جي مان مريادا سان ڳڏ قوم وڌندي رهندي.

٨) سنڌي ٻولي آهن اسان جا توکي هيءُ سوين سلام،
هڪ دفع نہ پر وار وار ڪنداسين پيار سان پرنام.

☆✸☆

جدائي

۱) جدائي تنهنجي ٿي ماري - وڌو تنهنجي ئي جدائيءَ ٻاري

۲) تنهنجي دل نہ ڇاتل - نہ وري چهرو سچاتل

۳) فقط تنهنجي مرڪ ۽ اک جي اشاري -
سمجهيم تہ دل رکندينءِ پنهنجي پناري

۴) محبت ڪيم مير وانگر - پيم ڪڍ فقير وانگر

۵) پڪ هئي تہ ٻئي دليون رکبيون صندوق ۾ -
پوءِ کهڙي ڪارڻ گولي وڌءِ بندوق ۾

۶) مان مطلبي چڪر ۾ نہ هوس - فقط تنهنجي حسن تي فدا هوس

۷) حسن ۾ فريب ملندو آهي معشوق کي -
عشق ۾ سچائي ملندي آهي عاشق کي

۸) معشوق ڏيندو آهي منڊو - عاشق ٿي ويندو آهي انڌو

۹) هيو تنهنجو رنگ ڪڪو ناسي - الاجي ڪيئن ويس ڦاسي

۱۰) الله تو ڇاٽي زهر کائيندس مگر دل نہ لڳائيندس،
عشق مزاجي ڇڏي حقيقي ۽ روحانيءَ جو مزو چکائيندس

☆✳☆

ڪرمن ۾ ڪاڻ

(١) ڪرمن ۾ اٽئي ڪاڻ - اها تون ئي ڄاڻ
پوءِ ڇو نڪرندءِ واڪاڻ

(٢) سمابل آهن هڪ ٻئي ۾ چڱائي ۽ لڱائي -
جي ڪندين چڱائي تہ ڇو ٿيندءِ برائي
تون ئي ڪر ٻنهجي ڇنڊ ڇاڻ

(٣) وويڪ رکي شانت - من رکي اشانت
جڙيل آهي سنو ڪرم وويڪ سان - برو من سان،
تہ وويڪ جي صلاح جو مزو ماڻ

(٤) آ سنو ڪرم سون جي ٻيڙي - برو آ لوهہ جي ڪڙي
اهو ويچاري ڪر پۈ ساگر پار - يا پاڻ کي مار
پنهنجي من تي هلي اجايو نہ جڪڙاءِ پاڻ

(۵) سنا ويچار سنو وهنوار رکي - پريوءَ جي ڪر بندگي
پوءِ نڪري ويندءِ گندگي
ٻن ڏينهن جو آهين مهمان مالڪ کي سڃاڻ

✪✺✪

دنيا ڪيتري وڏي

(١) پڙندا هواسين منڍ ۾ اسين،
ڏاڍي وڏي آ دنيا !
تڏهن سچ پچ ائين هو ٿيندو
طرف چارئي ڏسنداسين نقشي ۾ دنيا جا

(٢) لکي لکي خط خال هئاسين پڇندا
ڇا آهي هوندو - لڳندو پري پري
خون دل جو سڪائيندا هئاسين
وهائي ڪارو اڇي تي

(٣) جڙيل هو خون جو ائين رشتو
جواب خط جو ائين نه جيستائين
انتظار ۾ منتظر ان لاءِ
ڏينهن تاريخون ڳڻنداسين

(٤) ان دؤر ۾ ڪنداسين محسوس ائين
هوا جي هڪ هلڪي جهوٽي سان
مُڙي - وڃن ٿا ورق ڪئلينڊر جا سَڀُ
ڏسنداسين گذريل سال ڏينهن مان

(٥) بجلي پريل تارن ۾ ويڙهيي دنيا
پل به گذرڻ مشڪل آ اسان لاءِ
ڪاغن جي هڪ ٽڪري تي جذبات چٽڻ
نه کپندي هئي ڪا ريت رسم ڪنهن لاءِ

(٦) منهن اتر جو ڏکڻ ڏانهن جو هو مشڪل
اڄ ته فاصلا سان دنيا آهي ننڍي
سائين مهربان خطن جا جواب ڏيو
ڏيندا به ته ڳالهه هوندي ٿوري ۾ ننڍي.

☆✳☆

خطا جي سزا

١) آهي ڪا ڪيل خطا - آ مليل ان جي سزا

٢) آهين ان جو چاڻ - سڌائين ٿو اڻ چاڻ

٣) پل دنيا ڪان لڪاءِ - مالڪ ڄاڻيندڙ ڪان نہ ڇپاءِ

٤) نہ ڏس پئي جو پلاءُ ٻوڙ - نہ تہ پوندءِ پيٽ ۾ ولوڙ

٥) لائي لائي ڪاءُ - محنت جو ڪماءِ

٦) والي اٿيئي وويڪ ۾ - من، شيطان بہ اٿئي پيٽ ۾

٧) وويڪ اٿيئي اللهہ - نہ ٿيندءِ ڪنهن جي پرواهہ

٨) موهہ ۾ ماتا پتا رکندءِ رستو صاف -
مالڪ ڪڏهن نہ ڪندءِ معاف

٩) جوڙ پکونت سان تند تہ نہ ٿيندءِ خطا -
ٽٽندءِ دنوي ناتا تہ چو ملندءِ سزا

ڪلفت ۽ الفت

(١) هيءُ ايشور جو بڻايل بخشيل سندر سنسار
منش ڏن جي لوڀ ۽ اهنڪار ۽ سوارٿ ۾
بڻائي ڇڏيو آ ڪلفت الفت جو آزار

(٢) اي زمانا پوي ٿو ياد اڳہ جو عالم ۽
سنڌ جي سونهن ۽ سک جو سنسار
هئي حُبَ رشتن ناتن ۾ هئي خوشبوءِ خونن ۾ هوا باغ بهار
هئو دوستن ۾ دم دل جو ۽ هئي مترتا محبت جو چار
هئو ماتا پتا ۽ وڏڙن بيڏڙن لاءِ آدر ستڪار

(٣) اي زمانا هن جڳہ ۾ ڏٺم تنهنجي
بدليل رنگ ڍنگ ڏنل ڏکن جا ڏنگ هزار
منش ڪري ڇڏيو ييد ڀاوَ ۾ دلين ڪي دوريءَ جو داستان
اي بي درد-پليل پنڪيل - ڏن جا بکيا مَنَ جا رکا -
تنگ دل-رشتن ريتين ۾ رچيل منش ۾
نہ رهيو آ رشتن ناتن ۾ بن پئسي پيار ۽ آدر ستڪار

(٤) هن جڳہ ۾ بن پئسي ۽ شباب جي شونق ۾ ڪدي
ڪن ٿا ماتا پتا ۽ وڏڙن بيڏڙن کي پيدا آشرم
۾ ڏيئي ڏکہ جدائيءَ جا ڪن ٿا خون کي بہ پاڻ کان ڏار
وسري ويو انهن جي من مون تہ ٿيندا ڪڏهن اهي بہ پيدا پاڻ
رهيتو هن جڳہ ۾ بن پئسي متر رشتو ناتو دوست دور قدم هزار

☆✳☆

سنڌ جي ياد ستائي

١) سنڌڙي تنهنجا ستل سور،
پل پل ياد پون ٿا پور

٢) او جنم ڀومي منهنجي سنڌ،
ڪهڙي ڪارڻ حوالي ڪيئه هند

٣) حڪومت جي مٿا سٿا سان ٿيندو آهي عهدنامون
تواريخ نه ٿي چوي - ڪو آدم مٽائڻ جو اقرارنامو.

٤) ڇا چوان ان کي قدرتي ڪوپ يا ڌرم جو بچاءُ ؟
يا ڏوهه ڏيان هند ۽ سنڌ کي جن ڏنو اهڙو سلجهاءُ

٥) آزاديءَ جي لڙائي لڙي سي نه خاطر هند
موت ملي اها نه ڇڏڻي پئي سنڌ

٦) پرن ڪيو نه پل سنڌ ڇڏيندا سين،
پر سنڌيت ۽ سنڌي ٻولي ڪونه وساريندا سين.

٧) ڪيو جو اهڙو واعدو پنهنجي جنم ڀومي سنڌ سان،
نڀائي ۽ سکي سنڌي ٻولي هند ۾ رهون شان سان.

٨) اڄو نه پرن ڪيون او سنڌي پائرو اها ورڪيو
”مور نه وساريون ٻولي سنڌي جنهن ۾ ملي لولي.“

☆✷☆

دکھ جو انداز

(۱) دکھ جي دائري جو انداز ئي ڪونهي،
هيءُ ان جڳهه مثل آ جنهن ۾ دروازو دري ڪونهي

(۲) ڪهڙي طرف سوچيان ڪيڏانهن ڏسان، ڪٿي وڃان ٻڌايو يارو،
ڪٿي به نشان - رڙ واڪو آواز ئي ڪونهي

(۳) دنيا مونکي اَٽاسو سمجهندي آهي يارو،
چاڪاڻ جو چهري تي غم جي نشاني ڪونهي،

(۴) شهر جي ٻُتيل آبادي مصيبت ۾ وئي يارو،
هڪ ته پاڻي ڪونهي، ٻيو قدرتي هوا تازي ڪونهي

(۵) عشق بازي به زندگي آ اصل ۾ يارو،
اگر موت به ٿئي ته شرمساري ڪونهي.

☆✳☆

اڄ جو اديب

(١) ڪيئن ڀلا چوان توکي اديب،
لڳين تہ ڪونہ ٿو ادب جي قريب

(٢) ڪيئن چوان توکي اديب جنهن ۾ نہ آهي ادب
ادب جي هر شاخ ۾ فريب ڪرين ٿو غضب

(٣) ڪيئن چوان توکي اديب نہ آهي توکي ادب جي شناخت
ڇو تہ تو ۾ آهي ٻهروپي رنگن جي خرابت

(٤) ڪيئن چوان توکي اديب او عجب رنگہ وارا
جي توکي ٿيڻو آهي اديب تہ ڪر اناڙين کان ڪنار

(٥) ڪيئن چوان توکي اديب سمجهين ٿو اجايو ماهر
ٽٽل ڦٽل تڪبندي سان ڀلا ڪيئن شاع

(٦) ڪيئن چوان توکي اديب نہ ڪا ادب جي پڇاڻ
سڄو وقت ڪرين پيو پنهنجي خوب واڪا

(٧) ڪيئن چوان توکي اديب-ادب سيکاري مان مراد
نہ توکي آهي مراد پر ڪرين پيو ٻين اديبن جي فريا

(٨) اي اڄ جا اديب عقل سک ۽ ادب جي راهہ
ٿينديون سڀ هيري وانگر نڌهن ٿيندي تنهنجي واهہ واه

☆✵☆

قرباني

(۱) قرباني ڪنهن لاءِ ايتري، دل ۽ جان جي نه ڪر
مٽيءَ جي پتلي لاءِ وڏي آساني نه ڪر،

(۲) منهنجي ڳالهه ڪر مان تنهنجو آئينو آهيان،
تنهنجي عڪس ۽ منهنجي عڪس وچان جي نه ڪر

(۳) مان پنهنجي آئيني مان ڪونه نڪرندس يا درڪه
هر چيز ۾ مونتي گمان جي نه ڪر

(۴) سنڀالي رکه ڪڏهن ڪم ايندو سانءِ
پٽر جو رندڪ آ - بد نامي نه ڪر

(۵) چلهي ۾ ڦوڪ ڏيئي ڪاٺيون نه جلاءِ
اڪيون اداس آهن گهر ۾ دونهون نه ڪر

☆✻☆

مان آهيان نہ شاعر

۱) پکي اُڏامندي آسمان ۾ ڏرتي ڏسندو آ
شاعر لکندي شعر آسمان ڏانهن نهاريندو آ

۲) مان تہ نہ آهيان شاعر
اَلَڙ آهيان نہ آهيان ماهر

۳) منهنجي خيالات آزمودو ۽ تکبندي
تہ بہ وٺي ٿي عام کي اچي ٿي نچندي

۴) هونديون آهن ماترائون قافيا ۽ رديف
چاڻ نہ آهي تن جي، شعر جي نہ آهيان قريب

۵) لکٽي ۽ چوٽيءَ ۾ تہ آهن، هوندا بنڍل
حقيقت ۾ پريل هجن پيغام ۽ شيوا جا کر منڊل

۶) هئا اڳہ جا اڻ پڙهيل شاعر سمايل تن ۾ ڀڳتي
کين نہ چاڻ گرامر جي سمايل منجهن شکتي

۷) اچڻ چاهيان ٿو مان قريب اديبن جي
موکلن پيا مونکي طبيبن ڏي

۸) کئين بٽبس شاعر، آهيان منجهيل،
صلاح اوهان جي لاءِ صرف آهيان ترسيل

✿✺✿

۲) مشڪ خريدي يا وڪري جي چيز نہ آ - مشڪ ئي الاهي نعمت آ

۲) مشڪ سان ملنديءِ مروت - ڪڏهن بہ نہ ملنديءِ ۾ مشڪ سان نفرت

۲) مشڪ چوري ٿيندڙ ۽ گم ٿيندڙ نہ آ - مشڪ قدرتي سوغات آ

۲) مشڪ ڳجوڙيءَ ۾ بند نہ ٿي ڪري سگهجي،
خون ڪستوريءَ وانگر مشڪ جلد ظاهر ٿيو پوي.

۲) مشڪ محنت-محبت ۽ ڪاميابيءَ جي ڪنجي آ
جيئن بدن جو ڏکُ ڪچو ۽ گنجي آ

۲) مشڪ سان لهي ٿڪاوت - ڪنهن بہ ڪم ۾ مشڪ نہ وجهي رڪاوت

۲) مشڪ ۾ مان-مريادا ۽ مزو آ - محبت ۽ عشق جي مشڪ ئي شروعات آ

۲) مشڪ سان دنياداريءَ ۾ سنو ٿيندو وهنوار -
نڪرنديءِ مشڪ سان ئي دل جو غبار

۲) دوڪاندار مشڪ جو ڪري استعمال - تہ ٻيڻو ٽيڻو وڪامجي مال

۲) مشڪ سان ماٺو - ڪري مشڪ ئي ويڳاڻو

۲) مشڪ ماڙيءَ تي چاڙهي - مير ملوڪ بہ مشڪ ئي ڪيرائي

۲) مشڪ نہ رکي ڪنهن تي آڌار - هر مشڪلات مان مشڪ ئي ڪرائي پار

۲) جيئن خلق ۾ خالق - تيئن مشڪ ۾ مالڪ

۲) مالڪ جي مهرباني - ٿئي مشڪ سان ئي قدرداني

۲) نہ ٿيءُ نراس - مشڪ سان پوري ٿينديءِ آس

۲) مشڪ ۾ اٿئي مکڻ ۽ ماکي - چکي ڏس ون مزو مشڪ جو چاکي

☆✳☆

مشڪ

١) مشڪ جو استعمال - ڏيکاري مشڪ ڪمال

٢) مشڪ آهي قدرتي ڏات نہ ڏسي - مشڪ ذات پات

٣) مشڪ جنم کان ٻارن جي ٻولي - جن کي قدرت ڏني مشڪ جي

٤) مشڪ جو چمن - اکين ۽ رڳن ۾ بنياد
مشڪ رستي گونگو بہ ٻڌائي هر چيز جو سواد

٥) مشڪ ڪري ٿي گهايل - نہ ڏسي مشڪ چهرو ڄاتل سڃاتل

٦) مشڪ جي مار - ڪري مشڪ محبت ۽ عشق جي سنوار

٧) مشڪ سان ٿئي عاشق - ملي ٿو مشڪڻ سان معشوق

٨) مشڪ ماٽي سک - لاهي مشڪ ئي دک

٩) مشڪ جي تلوار تکي - رفتار بہ مشڪ جي تکي

١٠) مشڪ ۾ اتيئي حوصلو - ڪندي مشڪ ئي ٻن دلين جو فيـ

١١) مشڪ سان نيڻ نيڻن سان ملن - مشڪ سان ئي بدن ۾ لهرون پيدا

١٢) مشڪ جي ورزش - آٽي سڄي بدن ۾ مشڪ ئي لرزش

١٣) مشڪ سان ٿئي پيار - ڪري مشڪ ئي اقرار

١٤) مشڪ جو امنگ - ڪري مشڪ سان ساڌ سنگت جو سنگہ

١٥) مشڪ اکين کي خوب نهاري - اکين مان مشڪ ئي ڳوڙها ڳار

١٦) مشڪ انسان کي ٿي ماري - سواءِ مشڪ جي پاڻ پڻو تو ڳار

١٧) مشڪ سچائي ارادو - ڪري مشڪ ئي پيار جو واعدو

١٨) مشڪ سان دک درد بہ صاف - وقتي مشڪ سان فرض بہ مـ

١٩) مشڪ ابوجهہ ٻان سبوجهہ ڪري - مورکہ بہ مشڪ سان ڏاڻان

ملاقات

(١) سندس ملڻ دشمن سان منهنجي
ڇڻ هيءُ ڪيڏڻ هو دڪي من سان منهنجي

(٢) مان ڪرشمو آهيان قدرتي هٿ جو
عجيب لڳي ٿو ڪارنامن سان منهنجي

(٣) دوست ئي آهن منهنجي موت جو ڪارڻ
لاڳاپو رکن پيا ڦبين سان منهنجي

(۴) مان ڪا ڪهاڻي ڪونہ آهيان، آهيان حقيقت
لاڳاپو آهي اديبن سان منهنجي

(۵) ملهہ تہ مهنجو ڪو وڌيو آ - اي اَلّڙَ
واسطو پيو آ غريبن سان منهنجي

☆✷☆

او اخبار وارا

(١) تو ڇيو خبر موڪل - ڇا لڪان - جي لڪان تہ ڪيئن لڪان
جي ڪيئن لڪان تہ ڪنهن ڪان پڇان -
توکان تہ فقط بلئڪ ميل سکان

او اخبار وارا

(٢) اڇي تي ڪارو وهائي ڪرين تو پوري اخبار
چئني طرفن کان ڏين تو خبرچار
ڪنهن کي چارائين تو ٽوپي - تہ ڪنهن جي لاهين تو چتي - تہ ڪنهن جي ڪو
اهڙو ڏي نہ عام کي ادورو سماچار

او اخبار وارا

(٣) ڪنهن کي جنم جون واڌايون ڏين تو خوشي، تہ ڪنهن کي
موت ۽ پڳڙين جي رسم جي خبر ڏيئي ڪرين تو دکي
توکي تہ پنهي پاسن کان مليتو اجورو -
اجورو ملڻ کانپوءِ بہ نہ تو احوال ڏين سمورو
غلط خبر لاءِ وٺين تو معافي ڇا اهو آهي ڪافي ؟

او اخبار وارا

(٤) نٿو رهين پنهنجن پروان مان تہ ڪيئن رهندين
سنڌي سماج شيوڪن مان
سچ کي ڪرين تو ڪوڙ سان پيت -
ڪوڙ کي سامهون ڪري سچ جي، وجهين تو ڏيد آنو ڦيٽ
نہ آهي تو ۾ مان مريادا نہ آهين اديب
سمجهين تو پاڻ کي مشهور ائڪٽر پرديپ

او اخبار وار

(٥) اٿيئي همت تہ اخبار ۾ وجهي ڏس حقيقت جا لبڪ
اهڙن ليکن کي تو هنئي آهي ميڪ
ڪرين تو ڪوڙن - ڏاڍن جي خوشامد ۽ سچن جي فرياد
ڪجهہ نہ ملندءِ سچ مان ۽ ڪوڙ مان ملندءِ امداد
اي اخبار وارا هل وويڪ سان ۽ وٺ سچ جي راهہ
تڏهين ٿيندي - تنهنجي واهہ واهہ

او اخبار وا

(۱۰) ادل، ڪرمن ۾ ڪا هئي ڪاڻ
عيبن سان پرجي وئي ڪاڻ

(۱۱) عيبن جي ظاهرات جا باجا وڄڻ لڳا
شعرو شاعريءَ جي ڪتابن مان پنا ڦاٽڻ لڳا

(۱۲) عزت وڃڻ لڳي ديس پرديس ۾
اجايا مٽائي ويس ظاهر ٿئين سچائيءَ جي ويس ۾

(۱۳) معاملو ويو ڪورٽ ۾
سزا ملي موت ۾

(۱۴) اهو نڪتو نتيجو سماج شيوڪ جو هاڻ
چئن ديوارين اندر وينو هاٽي مزا ماڻ

☆✺☆

واهه ڙي سماج شيوڪ واهه

(١) واهه ڙي سماج شيوڪ واهه بيشڪ ڪديئه نالو
ڪري ڪڏا ڪرتوت پوءِ چوهنيئه تالو

(٢) عقل سان يا پاڳه سان مليئه ته ڪرسي
چا ؟ اها ليکبي تنهنجي چڱه مڙسي

(٣) ڪنهن کي ته ڪرائيه شڪار ۽ شيل
وري ڪنهن کي ته ڏيکاريئه دروازا ۽ جيل

(٤) ملڪ ۽ جنتا جي گهٽي هئي توکي اون
۽ ديس پرديسن جا ڦرين جدا جدا زون

(٥) جنتا وڏايو ته تنهنجو اتساهه
وري رکيو تو ۾ پورو ويساهه

(٦) ليبر بڻايو توکي سمجهي سنت تڪارام
نه ان خيال کان نه ته ميڙي مال ٿيندين ميارام

(٧) عام جو ڪنيو تو اعتبار
ته ٿيو من اِنهن جي من ۾ پيدا ٿيو اهڙو اقرار

(٨) اڳوان به هيو اديب
اديب نڪتو مريض

(٩) ڪتابن ۾ نڪني سرهاڻ
پڙهي پانڪ ڪرڻ لڳاوَ واڪاڻ

مسافر

(١) هي جڳہ آهي مسافر خانو،
دنيا پنيان هرڪو ديوانو

(٢) هرڪو بڻجي اچي ٿو مسافر
پورو ڪري وڃي ٿو سفر

(٣) آيو جهونٽو هوا جو يا پاڻي جو ريلو
سارو ڦٽي وڃيتو ميلو

(٤) ميلي ۾ اڪيلو رهجي جو وڃي
وڃي ٿو هرڪو ان کي ڇڏي

(٥) ڇڏيل کي جو پلجي ٿو وڃي
پلجڻ کان پوءِ بہ ياد ٿو ڪري

(٦) ڪاريگر ڪيو آهي ڪمال
بڻايو اٿس جڳہ مالڪ بي مثال

☆✹☆

حَقُ

١) دعوئ سان چڪين ٿو حق
ڪرين چو ٻين سان ناحق

٢) ٻي ٻاٽي پنهنجي اچ ٻجهائين ٿو
ٻين جي اُچ ماري ڪرين ٿو ناحق

٣) ڪائي روٽي پيٽ ڀرين ٿو
ماري ٻڪ ٻين کي سمهاري، ڪرين ٿو ناحق

٤) گهر جو فرما نبردار ٻڻجي حڪم هلائين ٿو
ڪري ٻين جون پوريون يا اڌوريون گهرجون،
اميدن تي ترڦائي ڪرين ٿو ناحق

٥) ماتا پتا جي جائداد تي چڪين ٿو حق
ٻڍاپي ۾ خون کي ڌار ڪري
موڪلي ٻڍا آشرم ۾ ڪرين ٿو ناحق

٦) ڊاڪٽر جان بچائڻ لاءِ وَڍَ ڪُٽَ ڪري اهو آهي سندس حق
مطلبي ڪا سائي جان وٺڻ لاءِ ٿو ڪري ٻڪري سان ناحق

٧) اي انسان هر هنڌ آهي موجود حق
اجايو پاڻ کي پريشانيءَ ۾ وجهي نہ ڪر ناحق

☆✹☆

وقتُ

١) وقت پتو آ دکن جي زنجيرن ۾،
فرق کھڙو آ موت ۾ ۽ موت جي تصويرن ۾

٢) زندھ رهڻو آ تو خوابن کي بچائي رکہ
نا اُميديءَ جا گهڻا رنگہ آهن جدا جدا قسمن ۾

٣) باقي رهيل عمر ۾ جيڪي بہ ساھ آهن
آ بڌڻ ۾ ايندو آواز گهنگھرن جو پيرن ۾

٤) اڃان بہ کُلي ويندا آهن ناڪار ۽ معافيءَ جا نقشا
رنگہ معافي جو هجي پل تعدبيرن ۾

٥) هو جمالو ئي صورت هئي فقط معافي اي الڙ
هئي بام جي ضرورت مٽي جي سورن ۾

٦) اڄ تہ ڪريون ٿا شروع نئون سفر اڄ کان
ڏسن نہ تازگي ڪيڏي آ صبوح جي هوائن ۾

☆✹☆

کريان کيئن معشوق سان ملاقات

(۱) چاهيان ٿو معشوق سان ملاقات
نہ آهي سپاءَ جي خبر نہ واقفيت
ويندي ويندي پئجي وئي نظر
پڇيم پاڻ کان تہ کريان کيئن دريافت

(۲) هئي جوان لاءِ چاهت
سوچيم تہ متان ملي وڃي سهوليت
هو منهنجي لاءِ اوپرو-لڳل هئس مٿي تي کوپرو
متان کري ڪا مروت

(۳) محبت وندڻ جي ڪئي درخواست
ڇهري تي سونه جي چمڪات ۽ سمايل خعلت
وڏو من کي لپائي
رکيم اميد تہ ڏيندي ڏي وٽ جي خيالات

(۴) ادل سونهن تي ڏنم ناز ۽ غرور نہ سمجهيم ضرورت
سونهن تہ آهي مالڪ جي امانت
پيارا ڪر هن فريبي پيار کان پاسو
نہ ڪر ان ۾ خيانت

(۵) دنوي پدارٿ اٿيئي مالڪ جي ڏراوت
اجايو موهہ رکي پيدا ڪرين پيو خرابت
لائي لنو پريوءَ کي پاءِ
جنم مرڻ جي چکر کان ملنداءِ سڄي راحت

☆✷☆

موت ۽ مروت

(1) سنسار کان هميشه ڇوٽڪاروي کي ڇئجي ٿو موت
سنسار جي سڀني سورن ۽ مڙني مرضن لاءِ ڪامل علاج آ موت
هرڪو ڊڄي ۽ ڀڄي ٿو موت کان -
پر نٿو بچي سگهي ڪو به موت کان
ڊڄي اهو ٿو جو جيئري رهڻ ٿو چاهي
ڏکي ٿو موت، ان کان، جو پاڻ کي مئل ٿو سمجهي

(2) موت جي ڪنهن سان ڪانهي مروت
نه ڏسي ٻڍو نه ٻار - نه مرد نه نار -
نه فقير نه والياءُ - نه وري ڏيندو ڪو اطلاع
ڪنهن به پرانيءَ کي ڏيندو جيون کان رخصت

(3) مليل فرمان تي رهي پورو - نه ٿو ڇڏي ڪم اڌورو
موهه ۾ قاتلن لاءِ موت مصيبت-عقل مندن لاءِ عبرت
اگيانيءَ لاءِ اوندهه ۽ گيانيءَ لاءِ امبرت
دنيا جي دک سک جي کيل کي ختم ڪري سمورو

(4) موت لاءِ مهل نه ڪائي - نه ڏسي ڏينهن نه رات
جي ڏينهن نه هجي ته ڇو ٿئي رات
جيئن ڏينهن رات کي هستي ڏئيتو -
تيئن موت حياتيءَ کي هستي ڏئيتو
ماڻهوءَ کي موت جو ڊپ سچيءَ طرح نه اچي
ته جيڪر فرشتن کان به وڌيڪ چڙهي

☆✻☆

اڪيلو

(١) آيو آهين هن فاني دنيا ۾ اڪيلو
چڏيندين بہ هيءَ دنيا اڪيلو

(٢) ڪنهي نرڳہ ۾ مالڪ کي ڪيئہ تي ياد
پرارٿنا تي ڪيئہ تہ جلد ڪر آزاد

(٣) آزاديءَ ڪانپوءِ مزو چکڻ لاءِ پيئہ وات ۾ مصري
پرارٿنا ۽ مالڪ ٻئيو ويئہِ وسري

(٤) پراني تو ڪهڙو ڪيو قول ۽ اقرار
سڀ ويساري ڪرڻ لڳين انڪار

(٥) مالڪ پاسيرو ٿي توکي ماتا پتا ڏنو ۽ سمجهہ ان کي ڀڳوان
جو سارو ڏيکاريندءِ جهان

(٦) ماتا پتا توکي نپايو سمجهي فرض
ڪڏهن بہ نہ لاهي سگهندين قرض

(٧) ماتا توکي علم سيکاري ۽ دنوي پدارٿ ڏيئي بڻائيہ عقلمند
نہ رکندين زبان ڪئڙي ۽ کائيندين گلقند

(٨) اميدن تي تگيا تہ پيريءَ ۾ بڻبين لٺ
رکي پنهنجو شان ۽ مان انهن جو-برائيءَ تي نہ کندين هٺ

(٩) چوٽي آهي ماتا جي پيرن هيٺان سرڳہ
نہ رنجائي اجايو پيدا نہ ڪر نرڳہ

(١٠) آيو آهين فقط ٻن ڏينهن جو مهمان
انساني جوڻ ئي آهين مهان

(١١) شمشان پوميءَ تائين هلندءِ گهٽائي ساٿ
نہ ترسندا تولاءِ جلدين تون ئي اڪيلو

☆✹☆

١١) بي فراقداريءَ واري نيتيءَ جي ٽمورتي :-
پنڊت جواهر لعل نهرو - ناصرادين ۽ ٽيٽو

١١) ڀارت جي برخلاف ٽمورتي :- پاڪستان - چين ۽ آمريڪا

١١) ڀارت-پاڪستان جي سنگرام ۾ سنڌي شهيدن جي ٽمورتي :-
پريم رامچنداڻي - رميش بدلاڻي ۽ ڀرت لعل مسند

١) سنڌ جي شاعرن جي ٽمورتي :- شاهه - سوامي ۽ سچل

١٠) سنڌ جي ڪانگرسين جي ٽمورتي :-
ديوان جئرامداس - ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ پروفيسر گهنشام

١) هندستان جي ڪانگريس جي ٽمورتي جن جو حادسي ۾ موت
يو :- سنجيه گانڌي - اندرا گانڌي ۽ راجيو گانڌي

✪✺✪

ٺمورتيون

عام طرح ماڻهن کي تن جي دوستي يا تن جو انگ سنو سونڻ ڪين لڳند
آهي پر ڏسڻ ۾ ايندو تہ قدرت يا سنسار ۾ هميشه ٺمورتين پي نهيو
آهن جن گڏجي ڀي ڪم ڪيو آهي -

پانڪن جي واقفيت لاءِ هت اهڙيون ٽوريون ٺمورتيون ڏجي
ٿيون.

۱) ديوتائن جي ٺمورتي :- برهما - وشنو - ميهس ويدن کي
برهما کي ٽي مکہ ڏيکاريا ويا آهن.

۲) قدرتي ٺمورتي :- هوا - باهہ - پاڻي

۳) آسماني ٺمورتي :- سج - چنڊ - تارا

۴) پوتر ندين جي ٺمورتي :- سنڌو - گنگا ۽ جمنا

۵) سرير جي اوستا بہ ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي ويئي آهي :-
بالپڻ - جواني - ٻڍاپو

٦) عشق جون بہ ٽي منزلون چيون ويون آهن :-
عشق مزاجي - حقيقي ۽ روحاني

۷) اهنسا جي ٺمورتي :- يسومسي - گوتم ٻڌ ۽ مهاتما گانڌي

۸) ۱۸۵۷ع واري بلوي جي ٺمورتي :-
بهادرشاهہ - لڪشمي ٻائي جهانسيءَ جي راڻي ۽ نانا صاحب

۹) انقلابي شهيدن جي ٺمورتي :- ڀڳت سنگهہ - راجگرو - سکديو

۱۰) ٻي مهاڀاري لڙائي جي ٺمورتي :- جرمني، اٽلي ۽ جپان

١٧) معشوق وٽ ڪونهي آچار - عاشق آهي لاچار

١٨) معشوق بنا دنوي مطلب جي نٺو رهڻ چاهي -
عاشق عشق جي خاصرار پلئي چڙهي ڦاهي

١٩) معشوق ۽ عاشق جو ٿيندو آهي جيڙو پوءِ ميڙو،
ايشو ڪندو آهي پنهي نبيرو

٢٠) مطلبي معشوق آسمان ڏانهن نهاري -
چڙهي جي ڪري ته چڪناچور،
اصلي عاشق جي پاڙ پَٽَ ۾ جي چڙهي ته مالڪ سان ملي ۽
هميشه رهي سنسار کان دور

☆✺☆

مطلبي معشوق - اصلي عاشق

١) مطلبي معشوق مير - اصلي عاشق امير،

٢) معشوق منڊو - عاشق اندو -
وقت ڏيکاريندو وکير ٻٽبو کنڊو تہ کير سچو

٣) معشوق جو ماٽو - عاشق ويڳاٽو

٤) معشوق جي موت بدتر - عاشق جي اوت بهتر

٥) معشوق هر ڳالھ لڪائي - عاشق عقل ۾ سمجھ وجائي

٦) معشوقي مغروري راجا وانگر -
عاشق لالچائي ۾ ڪڏ پوي فير وانگر

٧) معشوق کي نشو سونهن جو - عاشق کي نمرتا ۾ عشق جو

٨) معشوق جو وٽ - تہ عاشق کي دل ۾ تيندو ڦٽ

٩) معشوق جو ڪوڙو پيار - عاشق جو سچو اقرار

١٠) معشوق مطلبي ۾ دولابي -
عاشق جو رنگ ڏسڻ ۾ ايندو اصلي گلابي

١١) معشوق جو نقلي ميل - عاشق جو اصلي کيل

١٢) معشوق پئسي ۾ پيٽ جو بکيو -
عاشق هميشھ ڊايل ۾ سچي پيار جو بکيو

١٣) معشوق ڪري لالچ جو وار - عاشق رنگي خون سان پيار

١٤) معشوق جي لاهيندي مصيبت - عاشق جي پيار جي خصلت

١٥) معشوق ۾ تيندي آهي مستي - عاشق ۾ خدائي هستي

١٦) معشوق جو من الڳ تن جدا - عاشق فقط معشوق تي فدا

پرکھ

١) انسان جي پرکھ لهڻ آ ڏکي
ماکي ماناري مان لاهڻ نہ آهي سولي

٢) ماتا لاءِ پار جو نيپاج ۽ سنڀال نہ آ سولي
اولاد جي فرض ادائي نڀائڻ آ ڏکي

٣) ماٺون ڏسڻ ۾ اچي تو چڱيرو
قد مان ظاهر ٿيو پوي ڊگهو يا لانيرو

٤) ويس پهرجن ٿا ساڌن جا
کارناماں آهن شيطانن جا

٥) ڏيکہ ۾ شيواڌاري ۽ کم ڌرمائو
پوءِ پلي هجي نوڳي يا ويکائوءَ

٦) نديءَ جو تَرُ لهڻ آ سولو
کڏڻ منجهہ انسان جو آ ڏکيو

٧) قادر کيئن عجيب قدرت بنائي
توري ئي سمرڻ سان پنهنجي پرکہ ڏنائين.

☆✷☆

اصليت

١) ڏيکاري هستي پنهنجي جيءُ جلائين ٿو
چو ڪري مستي پنهنجي اصليت کي ڀلائين ٿو

٢) پاڻي تہ هميشھ هيٺائينءَ تي ئي ٽڪندو ؟
پوءِ سبب کھڙو مٿاهين تون چاهين ٿو.

٣) محل ماڙيون اميرن جا ڏسين ٿو ٻيو ۾ بنگلا،
ڪونہ بي گھر وارن ڏانهن نظر تون ڦيرائين ٿو.

٤) زندگي تہ پريل آهي دکہ سکہ ساڻ ئي،
پوءِ چو نہ ان کي صبر ساڻ گھارين ٿو

٥) نہ سوچ برائي ڪنهن جي نہ ڪا وري غفلت
ڪڍي نفرت چو نہ پيار تون وڌائين ٿو.

٦) وقت بادشاھ آ، دارا سڪندر ٻي هليا ويا
بيڪار ٻٽجي ٿو پر نہ مالڪ سان لنوَ لڳائين ٿو.

٧) آيو آهين هن فاني دنيا ۾ صرف چئن ڏينهن لاءِ تون،
پوءِ چو اجايو پنهنجو پاڻ کي پڏائين ٿو.

☆✹☆

جيءَ جي جھوري

(١) اھا تو سان ئي لڳل آ -
تنھنجي فطرت جي نھيل آ

(٢) تو ڪنھن کان نہ پڇي آ
پنھنجو ڪيد اجائي بڇي آ

(٣) نہ ڪري سگھندين ان کان پاسو
اجايو پيو ڏين پاڻ کي دلاسو

(٤) ننڊ ۽ جاڳڻ ۾ اجايو آھي مفر جو زيان
چو تہ تو خراب ڪرين پنھنجي بہ زبان

(٥) ڪنھن کي پريم جو پاڇو -
تہ ڪنھن کي ڦندي جو ڦاھو

(٦) ڪوئي نہ آھي ڪنھن کان چٽل
آھي ھرڪو ھڪ پئي سان ڦاٿل

(٧) پيارا پريوءَ سان ئي لنو لاءِ -
موھہ دنوي اٿئي اجگر نہ پاڻ کي جڪڙاءِ

(٨) اجايو اٿئي لڳل جيءَ جي جھوري
شرڻ پوءِ مالڪ جي ٿيندءِ ھر آس پوري

☆✳☆

محبت ۽ مهرباني

١) محبت ۾ نہ هڪ ٻئي تي ٿيندي آهي مهرباني
فقط ٻن دلين جو ٿيندو آ ميل ۽ زباني

٢) عشق اٽانگو مگر محبت مهانگي
ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ ساڳي ياجي وانگر سهانگي

٣) محبت جا ماريل جبل تي چڙهيا
ڏڪ لڳڻ سان پتو نہ پوندن تہ ڪيئن فرش تي ڪريا

٤) عشق انڌو محبت منڊي
خبر نہ پوندي تہ الاجي ڪيڏانهن ويندي

٥) محبت جا ماريل سڌو ويندا قبرستان ۾
جئين سپاهي مرندا جنگ جي ميدان ۾

٦) جيڪي محبت جي ميدان ۾ آيا
سي مور نہ خالي موٽيا.

☆✵☆

٥ نمبر انگ جي اهميت

(۱) مالڪ جوڙيو سندر سنسار -
انسان جي ڪِد بڇيائين مهاڄار
مهاڄار ۾ پنج وڪار رکيائين -
ڪام، ڪروڌ-لوڀ-موهہ-اهنڪار
پنجن کي ئي اهميت پنهنجي پنهنجي

(۲) ڪري حوس پوري ڪام - نہ اتس دام
نہ ڪر وروڌ - نہ تہ پيدا ٿيندءِ ڪروڌ
مري موهہ ۾ هرڪو-ڦاسي تو لوڀ ۾ سيڪو
اهنڪار لهي خواب چڙهڻ جا -
نتو سوچي هيٺ ڪرڻ جا
پنجن کي ئي اهيمت پنهنجي پنهنجي

(۳) پرماتما آڱريون ڏنيون هٿ ۾ پنج-تہ پيرن ۾ بہ پنج
گرو گوبند سنگهہ ٺاڦيا پيارا پنج-ڪڍيل فرمان ۾ بہ اسم پنج
پنجاب ۾ نديون بہ هون پنج -
ڪورون جي پاسي سوين تہ پاندوَ فقط پنج
پنجن کي ئي مليل خاصيت پنهنجي پنهنجي

(۴) چوٽي مشهور آ پنج گروءَ جا گنج -
پنجن ڪوڏين تي بيڙو تاريئہ
مالڪ ڪنهن کي ڪونہ وساريئہ
فيصلو بہ ڪندا آهن پئنچ پنج
پنجن کي ئي صفت پنهنجي پنهنجي

☆✺☆

قدرت قادر جي

(١) آسمان رکي نيرو بڻائيہ ڇت
جنهن کي نہ ٿنڀو نہ ٽوٽي نہ وري ڪا ڇت
رکيئہ جنهن ۾ سج، چنڊ، ڪتيون ۽ تارا
رهن سدا تنهنجي حڪم ۽ فرض تي پورا
واهہ قادر تنهنجي قدرت

(٢) سج کي بيهارئيہ هڪ ئي هنڌ
چوڌاري ڦري جنهن جي ڌرتي ۽ چنڊ
روشنائي ڏيئي ڏينهن کي ڏنيئہ هستي
اونداهي بڻايئہ رات وتائيہ ڏينهن جي مستي
واهہ قادر تنهنجي قدرت

(٣) ٽم ٽم ڪن تارا ۽ چنڊ جي چانڊاڻ
چمڪي ٿو سڄو هيءُ قدرتي مانداڻ
نديون نالا - ڍنڍ وڏورا وهائي ۽ سمنڊ
ڌرتيءَ کي بڻايئہ عاليشان ملي انسان کي آنند
واهہ قادر تنهنجي قدرت

(٤) پنجن تتن جو بڻائي انسان گولي ۾ ڦٽو ڪيئہ ڌرتيءَ تي،
ڏاڏي آدم کي وندر لاءِ بيبي
هوا ڏيئي وڏايو آدم پنهنجي مرضيءَ تي
ڌرتي هئي جل مئي، وڻ ٽڻ ٻوٽا توڙي لڳن پئي ويران،
مالڪ پنهنجي شڪتيءَ سان بڻايئہ سرسبز ۽ باغ بوستان
واهہ قادر تنهنجي قدرت

(٥) حڪم تنهنجي سان هلي سنسار جئين چرخو
ڦيرو ڏيئي پاڻ کي بڻئين گورکو
مالڪ ڪهڙي تنهنجي مهما ڳايون،
آهين شڪتيوان ڪئين توکي پلايون
واهہ قادر تنهنجي قدرت

☆✹☆

پوليءَ جي باس

١) ويهي ساهڙين وچ۾ هڪ ڏينهن پوليءَ باسي باس
وينتي ڪري يتار کي، ڪر جهول سائي، ڪر پوري آس
لاهه ڪڙو، کول دروازو دل جو، نه ته ٿيندس مهٽي هاب
ڇڪيون ڏيارنديون اجايو ساهڙيون، وجهي نڪ ۾ ناس

٢) ڪري ڏٽي در پرارٿنا، ڪيائين وڏي پڪار
جئين ڪندي آهي پڪري، ڪسجڻ وقت چاڪار
درد وندن جي دانهن پڏتون داتار
بکين جي لاهه بک، اجالين جي اڇ، ڏي پري خرار

٣) باجهاري جي باجهه سان ٿي جڏهن اميد واري
ٿيڻ لڳي بار جي اچڻ جي تياري
وقت پوري تي مليون پن جاڙين پينرن کي جنم
چانئجي ويو سنائو گهر ۾ جڻ آئي اماس ڪاري

٤) رب جي رضا تي ٿيءُ راضي، پر نه ٿيءُ ڪرتگهن
اهو ته اٿئي ڪرمن جو کيل، خوب ٿيءُ شترگهن
ڪندو رهه ڪرم، باقي رکه پروسو مالڪ تي،
اَلڙَ پلي ڪندو يتارُ، باقي پئه نه ڪن پرمن

☆✷☆

رات رهجي

(۱) رات رهجي تہ نهکندڙ آ
رهجي جتي مزو ڏيندڙ آ

(۲) خوشيءَ ۾ هم شريک تجي
غم جي موت نہ کٽندڙ آ

(۳) تي سگهي تو خوار تي پئجي
جتي کتي ڳالهائڻ نہ وٽندڙ آ

(۴) بوجهہ کري سگهبو آ هلکو
ٻاق ٻاهر کڍجي جتي نہ سهندڙ آ

(۵) آ مزو سک ۾ اتي ''الڙ''
چيج هٽجي جتي سُهندڙ آ

☆✷☆

بي وفا

۱) وڃ او بي وفا وڃ توکي پيار نہ ڪندس مان
جڏهن مرڻو ئي آهي اڪيلو ئي ائين مرندس مان

۲) دل تنهنجي پوڄا ڪئي، توکي خدا ڪري مڃيو
اها دل جي ناداني هئي، چوٽ کان پوءِ بہ نہ سڃاتو
اهو سڄو کيل کھڙو بهانو سمجهندس مان

۳) ٿيس توتي ديوانو جو دل توتي پاڳل هئي
دل ۾ توکي اچڻو هو تڏهن سمجهيم تہ قسمت ڦٽي
جي مونکي پڪائڻو هيئہ تہ
ڪٿي بہ مان نڪاڻو ڳولهيندس مان

۴) نہ دل ۾ ويهڻ ڏيندس، ڪنهن کي
نہ وري ڪو ڪنهن جو خواب ڏسندس
سمجهندس هر ڪنهن کي پنهنجو -
پنهنجي ۽ پرائي ۾ نہ فرق رکندس
سڃاڻڻ جي سڀ کي ڪوشش ڪندس مان

☆✳☆

دل جو اُمنگ

١) دل ۾ ڪو امنگ، ڪو حوصلو نہ آ
دانهن آ چپن تي فقط، ڪو وقت جنهن جو نہ آ

٢) ياد تصويرون جي تنهنجي دل ۾ وئي رهجي
ڳالهہ ڪهڙي آ محبت جو نشان ميٽو نہ آ

٣) زمانو تہ تنهنجي هڪ هڪ اداتي ويو تَڙقِي
اهڙو ڪهڙو پٿر دل آ جو تنهنجو چريو نہ آ

٤) گم ائين ڪيو مونکي عقل ۽ فريبيءَ
وهي اسان وياسين ائين رهيو پنهنجو پتو نہ آ

٥) هيءَ ڦير گهير آسمان جيءَ هي رفتار ٿي هلي
دل آهي خطرا پسند، آڌت جو آسرو نہ آ

٦) هر خوشيءَ ۾ امن مدار آهي زندهہ دل تي
رڌل رهڻ ۽ مشغولين ۾ ڪو مزو نہ آ.

☆✳☆

گل ته گلاب جو

١) اي گل گلاب جا توکي ڇو آ ايتري اهميت ؟
تو ۾ ڇو آهن سڀئي گڻ ۽ سمايل آهي خَصِلَتَ ؟

